# SINDH ACT NO.VI OF 2014

# The Registration ( Sindh Amendment) Act, 2013

# سنڌ ايڪٽ نمبر VI، مجريه 2014

# دفتري داخلا (The Registration) جو (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 2013

## (Contents) فهرست


(Preamble) تمهيد

مختصر عنوان ۽ لاڳو ٿيڻ

(Short Title and Commencement)

1. ايڪٽ نمبر XVI مجريه 1908 جي دفعه نمبر 6 جي تبديلي.

Amendment of Section 6 of Act No XVI of 1908.

2. ايڪٽ نمبر XVI مجريه 1908 جي دفعه 19 جي تبديلي.

Amendment of section 19 of Act No. XVI of 1908.

3. ايڪٽ نمبر XVI مجريه 1908 جي دفعه نمبر 20 جي تبديلي.

Amendment of section 20 of Act No XVI of 1908.

4. ايڪٽ نمبر XVI مجريه 1908 جي دفعه نمبر 21 جي تبديلي.

Amendment of section 21 of Act No XVI of 1908.

5. ايڪٽ نمبر XVI مجريه 1908 جي دفعه نمبر 28 جي تبديلي.

Amendment of section 28 of Act No XVI of 1908.

6. ايڪٽ نمبر XVI مجريه 1908 جي دفعه نمبر 30 جي تبديلي.

Amendment of section 30 of Act No XVI of 1908.



# SINDH ACT NO.VI OF 2014

# The Registration ( Sindh Amendment) Act, 2013

# سنڌ ايڪٽ نمبر VI، مجريه 2014

# دفتري داخلا (The Registration) جو (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 2013

[20 مئرچ 2014]

رجسٽريشن ايڪٽ 1908 (Registration Act) ۾ تبديليءَ آڻڻ وارو ايڪٽ ته جيئن اهو سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪري سگهجي.

**تمهيد (Preamble)**

جيئن ته هن ڳالهه کي مناسب ڄاتو ويجي ٿو ته رجسٽريشن ايڪٽ (Registration Act) ۾ ڦيرگهير آڻي، ان کي سنڌ صوبي سان لاڳو ڪرڻ جهڙو بڻايو وڃي.

ان لاءِ انهيءَ ايڪٽ کي هن ريت جوڙيو وڃي ٿو:-

**مختصر عنوان ۽ شروعات Short Title and Commencement.**

1. (1). هن ايڪٽ کي دفتري داخلا (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 2013 ( The Registration (Sindh Amendment) Act, 2013 ) چيو ويندو.

(2) هي ايڪٽ هڪدم لاڳو ٿيندو.

**ايڪٽ نمبر XVI مجريه 1908 جي دفعه نمبر 6 جي تبديلي. Amendment of Section 6 of Act No XVI of 1908.**

2. رجسٽريشن ايڪٽ، 1908 کي سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لائق بڻائڻ لاءِ، ان جي دفعه 6 کي هن ريت بدلايو ٿو وڃي :-

"6". **رجسٽرار ۽ سب رجسٽرار:-** صوبائي حڪومت اهڙا عوامي عملدار رجسٽرار ۽ سب رجسٽرار طور رکندي، جيڪي انهن عهدن جي اهليت رکندڙ هوندا ۽ انهن جي گهربل تربيتون ورتل هونديون. اهڙو امتحان پاس ڪيل هوندو يا روينيو کاتي جي لاڳاپيل عهدن واري ڪيڊر (Cadre) سميت ڊسٽرڪٽ رجسٽرار [BS-18] جي عهدي تي فائز هوندو."

3. تبديليءَ هيٺ آيل ايڪٽ جي دفعه نمبر 16 جي ذيلي دفعه (3) ڪانپوءِ هي

اضافو ڪيو ويندو:-

”(4) انهن ڪتابن ڪانسواءِ، جيڪي ذيلي دفعہ (1) مطابق فراهم ڪيا ويا آهن، ٻيو ڪو بہ ڪتاب رجسٽرار يا سب رجسٽرار استعمال نہ ڪندا.“

ايڪٽ نمبر XVI مجريہ 1908 جي دفعہ 16 جي تبديلي.
Amendment of section 16 of Act No. XVI of 1908.

4. تبديليءَ هيٺ آيل ايڪٽ ۾ دفعہ 19 کانپوءِ هي نئون ذيلي دفعہ 19-A شامل ڪيو ويندو:

”19-A. هن ايڪٽ جي شامل ڳالهين سان سهمت نہ ڪندڙ دستاويزات، ڪو بہ معاهدو يا دستاويز جيڪو غير منقولہ ملڪيت جي وهنوار تي اثرانداز ٿيندو، ملڪي قانون جي پيڪڙي ڪندو، ان جي رجسٽريشن نہ ڪئي ويندي.“

ايڪٽ نمبر XVI مجريہ 1908 جي دفعہ نمبر 19 جي تبديلي.
Amendment of section 19 of Act No XVI of 1908.

5. تبديليءَ هيٺ آندل ايڪٽ جي دفعہ 20 جي ذيلي دفعہ (1)، جي لفظن ” پنهنجي صوابديدي اختيار موجب انڪار ڪري،“ کي ڪڍيو ويندو ۽ ”داخلا رڪندڙ آفيس“ (the register office)، پنيئن ”ڪندو“ (shall) لفظ جو اضافو ڪيو ويندو.

ايڪٽ نمبر XVI مجريہ 1908 جي دفعہ نمبر 20 جي تبديلي.
Amendment of section 20 of Act No XVI of 1908.

6 . تبديليءَ هيٺ آندل ايڪٽ جي دفعہ 21 جي ذيلي دفعہ (4) کانپوءِ هي اضافو ڪيو ويندو.

”(5) لاڳاپيل حدن واريءَ ملڪيت جو ڪو بہ اهڙو بي وصيعتو دستاويز، جنهن جي حقن جو رڪارڊ روينيو کاتي طرفان رکيل هجي، ان جي ڪمپيوٽرائيزڊ رڪارڊ واري ڪاپيءَ جي سروسز سينٽر لاءِ خاص طور تي مقرر ڪيل فرسٽ گريڊ واري اسسٽنٽ ڪليڪٽر جي تصديق کانسواءِ بہ رجسٽر ڪيو ويندو.“

پوءِ جيڪڏهن جن ايراضين ۾ اجان حقن جو رڪارڊ ڪمپيوٽرائيزڊ نہ ٿيو آهي، تہ انهيءَ حدن جو فرسٽ گريڊ وارو اسسٽنٽ ڪمشنر حقن جي رڪارڊ جي ڪاپيءَجي تصديق ڪندو.“

ايڪٽ نمبر XVI مجريہ 1908 جي دفعہ نمبر 21 جي تبديلي.
Amendment of section 21 of Act No XVI of 1908.

7. انهيءَ ايڪٽ جي دفعہ 28 ۾،

ايڪٽ نمبر XVI مجريہ 1908

جي دفعہ نمبر 28 جي تبديلي.
Amendment of section 28 of Act No XVI of 1908.

(i)ذيلي دفعہ (1)جئ لفظ "سموروڀا ان جو ڪجھہ حصو" ڪڍيا ويندا.
(ii) ذيلي دفعہ (2) سمورو ڪڍيو ويندو.

ايڪٽ نمبر XVI مجريہ 1908 جي دفعہ نمبر 30 جي تبديلي.
Amendment of section 30 of Act No XVI of 1908.

8. انهيءَ ايڪٽ جي دفعہ 30 جو ذيلي دفعہ (2) ڪڍيو ويندو.

**نوٽ:- ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**